# سنڌ آرڊيننس نمبر XXXII مجريہ 1984

# SINDH ORDINANCE NO.XXXII OF 1984

# ڪراچي فشريز بندرگاهہ اٿارٽي (ترميم) آرڊيننس، 1984

# THE KARACHI FISHERIES HARBOUR AUTHORITY (AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

## (CONTENTS) فهرست


تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. سنڌ آرڊيننس II مجريہ 1984 جي دفعہ 5 ۾ ترميم
Amendment of section 5 of Sindh Ordinance_II of 1984

# سنڌ آرڊيننس نمبر XXXII مجريہ 1984

# SINDH ORDINANCE NO.XXXII OF 1984

## ڪراچي فشريز بندرگاھ اٿارٽي (ترميم) آرڊيننس، 1984

## THE KARACHI FISHERIES HARBOUR AUTHORITY (AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

[18 آڪٽوبر 1984]

آرڊيننس جنهن سان ڪراچي فشريز بندرگاھ اٿارٽي آرڊيننس ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

آرڊيننس جنهن جي ذريعي ڪراچي فشريز هاربر اٿارٽي آرڊيننس، 1984 ۾ ترميم ڪرڻ مقصود آهي؛

ان ڪري هاڻي 5 جولائي 1977 جي اعلان ۽ عبوري آئين 1981 جي حڪم جي روشني ۾ سنڌ جو گورنر خوشيءَ سان هيٺين آرڊيننس کي ناهي نافذ فرمائي ٿو.

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي ڪراچي فشريز هاربر اٿارٽي (ترميم) آرڊيننس سڏيو ويندو.

(2) هيءَ في الفور نافذ ٿيندو.

سنڌ آرڊيننس II مجريہ

2. ڪراچي فشريز بندرگاھ اٿارٽي آرڊيننس، 1984 جي

| | |
|---|---|
| دفعہ 5 جي ذيلي دفعہ (1) جي آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺين شرطيہ بيان جو اضافو ڪيو ويندو:_<br>"جيستائين بورڊ جي تشڪيل نہ هجي تيستائين چيئرمين، حڪومت پاران مختلف هنڌن تي ڏنل هدايتن جي مطابق اختيارن جو استعمال ڪندي فرض سرانجام ڏيندو ۽ بورڊ جون ذميواريون ادا ڪندو." | 1984 جي دفعہ 5 ۾ ترميم<br>Amendment of section 5 of Sindh Ordinance_II of 1984 |

**نوٽ:_ آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**